**ڊاڪٽر الهوسايو سومرو**
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

# دا دا سنڌي

# Dada Sindhi

(1945ع – 1998ع)

مؤرخ، محقق ۽ ليکڪ

**Abstract:**

Kareem Bux Soomro, Son of Mohammad Qasim Soomro born on 5th July1945, died on 11th January 1998 and is buried in the graveyard of village Chhandan Sharif He belonged to Dad Laghari village Taluka Daharki, District Ghotki, Sindh. Dada Sindhi was his pen name.

Dada Sindhi was teacher by profession. He was first appointed as Primary School Teacher and later he retired from the post of Subject Specialist (BPS-17).

He has written many books on various aspects of history of Sindh. More than fifteen books written by him have been published by different publishers. There are about twenty five books still un published.

He got many awards for his literary works from seven different organizations.

تاريخ لکڻ لاءِ گهڻين ڳالهين جي گهرج پوي ٿي، جن جي پورائي کانسواءِ تاريخ لکڻ ممڪن نہ آهي. وسيع ۽ گهرو مطالعو ۽ مشاهدو، تاريخ سان لاڳا پيل هر اها شيءِ جنهن کي مؤرخ لکڻ وقت استعمال ۾ آڻي سگهي، ان جي معلومات هئڻ نهايت ضروري آهي، مؤرخ کي جيستائين اهڙين شين جي سهولت مُيسر نہ هوندي ايستائين ان مان چڱيءَ تحرير جي توقع رکڻ محال آهي.

"سنڌ جي تاريخ لکڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ۽ ڪٺن ڪم آهي، قلم ڪيڏي ڪاغذ آڏو رکي ليکا ڪيڏا ڪونهن. خيالي پلاءَ پچائڻا ڪونهن، پر رُک جا چڻا چٻائڻا آهن، پنهنجي سوچ ۽ عقل کي اهڙي ڪنڊيءَ ۾ ڦاسائي لچڻو ۽ تڙپڻو آهي، جنهن سان ڪنهن شيءِ جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ اهو چئي سگهجي تہ واقعي ڪا شيءِ لکي وئي آهي". (1)

سنڌ سونهاري وقت بوقت اهڙن عظيم فردن ۽ شخصيتن کي جنم ڏيندي رهي آهي، جن پنهنجي همت، محنت، بهادري، دليري، سچائي ۽ عظمت جي ڪري هميشہ شهرت حاصل ڪئي آهي ۽ پنهنجن پوئيرن لاءِ سبق ڇڏيو آهي. سرزمين سنڌ سان، ان جي عظمت سان ۽ ان جي حقيقت سان محبت ڪندڙانسانن وانگر دادا سنڌي جهڙا انسان بہ پيدا ٿيا.

دادا سنڌي تاريخ جو ڄاڻو ۽ محقق هو، جنهن پنهنجي تحرير ذريعي قلم کي انصاف جو هٿيار ڏئي تاريخ ۾ سنڌ مٿان ٿيندڙ يلغار کي وائکو ڪيو ۽ پڙهندڙن آڏو سنڌ جي حقيقي تصوير واضع ڪئي. دادا سنڌيءَ جو واسطو ضلعي گهوٽڪي جي پنتي پيل علائقي، دادا لغاريءَ سان هو.

دادا سنڌي جو اصل نالو ڪريم بخش هو ۽ پاڻ ذات جو سومرو هو. پاڻ دادا لغاريءَ ۾ محمد قاسم سومري جي گهر ۾ 5 جولاءِ 1945ع تي ڄائو. سندس والد پوليس محڪمي ۾ نوڪري ڪندو هو. دادا سنڌي پنهنجي شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ دادا لغاريءَ ۾ ڪئي ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ميرپور ماٿيلي ڏانهن ويو. بي- اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ بي پوزيشن ۾ پاس ڪئي. ايم- اي سوشيالاجي ۾ ڪيائين جڏهن تہ پروفيشنل ڊگري بي- ايڊ بہ حاصل ڪيائين.

"دادا سنڌي پيشي جي لحاظ کان اُستاد هو. ملڪ ۾ جيترو بي وس ۽ لاچار استاد کي بڻايو ويو آهي، ايترو بيو ڪو بہ پروفيشنل ڪونهي. هڪ ماستر مٿان اديب بس پوءِ تہ ڍينگو ڍيري ٿيو وڃي!" (2)

دادا سنڌي ملازمت پرائمري استاد جي حثيت سان تعليم کاتي ۾ شروع ڪئي. تنهن بعد H.S.T ۽ ترقي ڪندي 1992ع ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول اوباوڙي ۾ مقرر ٿيو. دادا سنڌي پنهنجين شاگردن کي نصابي سبقن سان گڏو گڏ تاريخي حوالا ۽ سمجهاڻيون ڏيندو هو. ساڻس ڪتابن جا ٿَبا سندس ڪڇ ۾ يا ٿيلهي ۾ هوندا هئا ۽ پنهنجي هر فارغ گهڙيءَ ۾ انهن ڪتابن جو مطالعو ڪري مشاهدا پَسي، قلم ۽ ڪاغذ جي مدد سان تحرير ڪري، ڪتابي صورت ۾ آڻيندو هو.

"دادا سنڌيءَ کي 28 فيبروري 1996ع تي اڌرنگي جو حملو ٿيو ۽ پنهنجي بقايا زندگي گهر ۾ گذارڻ لڳو. 11 جنوري 1998ع بمطابق 12 رمضان

المبارڪ 1418ھ بروز آچر تي شام جو ساڍي پنجين وڳي ڪيس دل جو دورو پيو ۽ پاڻ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين". (3)
سندس آخري آرام گاھ دادا لغاريءَ ويجهو، قديم ۽ تاريخي ڳوٺ چانڊڻ شريف جي قبرستان ۾ آهي.

ڪريم بخش سومرو- دادا سنڌيءَ ڪي ادبي شوق مشهور تاريخدان رحيمدادا خان مولائي شيدائي ۽ رشيد ڀٽيءَ سان ملاقات بعد ٿيو. دادا سنڌي جي وڏي ڀاءُ قادر بخش سومري ۽ چاچي الهه بخش سومري جي لائبريري هوندي هئي، اتي مطالعي بعد ادبي ڪمن ۾ پير پاتائون ۽ سندس پهريون مضمون روزانہ مهراڻ ۾ شايع ٿيو. پاڻ 1970ع کان 1972ع تائين سنڌي ادبي سنگت ميرپور ماٿيلي جي شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. سندس مضمون ۽ مقالا نئين زندگي، ٽي ماهي مهراڻ، پيغام، اخبار تعليم، ماهوار سنڌ دوست، نئين سوچ ۽ ٻين مختلف اخبارن، رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپجندا رهيا.

محترم تنوير عباسي، دادا سنڌي جي لکيل ڪتاب"سنڌ جا عوامي ڪردار" جي تعارف واري صفحي تي لکي ٿو تہ:

"سنڌ جي ماڻهن جي اها خوش نصيبي سمجهبي جو دادا سنڌي جهڙا تحقيق ڪرڻ وارا ...... انهن ڪردارن ڏي ڌيان ڏين ٿا ۽ انهن جي تاريخ ۽ حقيقي حيثيت ڪي سنڌ جي ماڻهن آڏو آڻين ٿا". (4)

دادا سنڌي ريڊيو پاڪستان خيرپور تان سنڌ جي تختگاهن ۽ بندرگاهن بابت تقريرن جو سلسلو هلايو، جنهن جو پروڊيوسر مختيار ملڪ هو.

دادا سنڌي مرحوم سنڌ جي تاريخ ۾ ڪو نئون لاڙو نہ آندو پر سنڌ جي ٽڙيل پکڙيل تاريخ کي هڪ هنڌ سهيڙي، چوندي سنڌ جي خالص سچي تاريخ کي اهميت ڏيارڻ جي ڳهٽي ڪوشش ڪئي. دادا سنڌي کي سنڌ جي تاريخ سان محبت هئي ۽ پاڻ سنڌ جي تاريخ لکڻ مهل ڪوڙ منافقي، مڪاري، هٺ ٺوڪي ۽ درٻاري روايت کان پري هٽي، سچ، سونهن ۽ سورهيائي واري روايت رکي. دادا سنڌي جستجو، جاکوڙ ۽ کوجنا ذريعي ڪيئي لکڻيون لکيون، جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ آهن ۽ ايندڙ نسل لاءِ وڏي ڪم جون آهن.

"دادا سنڌي تاريخ جي کوجنائن جي قافلي جو هڪ فرد آهي هن صاحب ڪشالا ڪڍي، محنت ڪري، تاريخ جي علم ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جو واڌارو ڪيو آهي". (5)

دادا سنڌي، پنهنجي نوجوان ۽ ايندڙ نسل کي پنهنجي قديم سنڌي تاريخ کان روشناس ڪرائڻ ۾ پاڻ وسان نہ گھٽايو. سنڌ جي تاريخ جي مختلف پهلوئن تي تحقيقي ڪتاب لکي، پاڻ سنڌ جو سچو عاشق هئڻ جو ثبوت فراهم ڪيو.

"پيارو دادا سنڌي، انهن محنتي ۽ محب وطن نوجوانن مان آهي، جيڪي سنڌ جي تاريخ جا مختلف پهلو نکيڙي، نروار ڪرڻ ۾ رڌل آهن. سنڌ جي تاريخ تي لکيل سندس مقالا، مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا." (6)

**دا دا سنڌيءَ جون ڇپيل ڪجھ تصنيفون (ڪتاب) :۔**

1- **سنڌين جي فوجي مهارت:۔**

دادا سنڌي هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سورهين ۽ سرويچن جي باري ۾ لکيو آهي، جيڪي سنڌ ڌرتيءَ لاءِ سِر جي قرباني ڏئي سُرخرو ٿيا. سنڌين جي فوجي مهارت ۽عسڪري قوت جي باري ۾ مفصل تحرير ڪيل آهي. هن ۾ اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان پهريان گوريلا جنگ سنڌ ۾ ئي ۽ سنڌين جنگ لڙي. هيءُ ڪتاب الھ بچايو مرڻاس "لطيف اڪيڊمي" طرفان ڇپرايو.

2- **سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون:۔**

دادا سنڌي ۽ جو هيءُ ڪتاب ٻارن لاءِ لکيل تاريخي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هيءُ ڪتاب ٻارن ۾ گھڻو مقبول ٿيو.

3- **ڏيئي ڏنپ ڏڻ:۔**

هيءُ ڪتاب "لطيف اڪيڊمي" طرفان الھ بچايو مرڻاس ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ تي ڌارين جي حملن ۽ سنڌ کي مالِ غنيمت سمجھي لٽيندڙن، غدارن جي تاريخ تحرير ڪيل آهي.

4- **سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما:۔**

هن ڪتاب ۾ چار مقالا آهن، جيڪي سنڌ جي ديني عالمن ۽ انهن جي ديني، علمي، ادبي ۽ سياسي خدمت بابت آهن. هيءُ ڪتاب سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد طرفان ناز سنائي ڇپائي پڌرو ڪيو.

5- **اڳوڻن سنڌين جو ڏيساور سان واپار:-**
دادا سنڌي هن ڪتاب ۾، قديم سنڌ ۾، سنڌس رهواسين جي ڏيهي توڙي پر ڏيهي وڻج واپار ڪي تاريخ جي آئيني ۾ تحرير ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب “لطيف اڪيڊمي” طرفان الهه بچايو مرڪاس ڇپائي پڌرو ڪيو.

6- **1857ع جي جنگ آزاديءَ ۾ سنڌ:-**
هيءُ ڪتاب ڪراچيءَ مان عمرالدين بيدار ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ 1857ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ سنڌين جي ڪردار کي تاريخي روشني ۾ لکيو ويو آهي.

7- **سنڌ جا عوامي ڪردار:-**
دادا سنڌي هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ڄاتل سڃاتل عوامي ڪردارن کي تحرير ڪيو آهي، جنهن ۾ 28 ڪردارن تي لکيو ويو آهي. مثال طور:- دودو سومرو، ڀاڳوڀان، سمنگ چارڻ، لاکو ڦلاڻي، ڄام نندو، وتايو فقير، جلال ڪٽي، هوشو شيدي، مولانا تاج محمود امروٽيءَ ۽ مائي ڀاڳي وغيره. هيءُ ڪتاب سنڌ تحقيقي بورڊ حيدآباد طرفان، ناز سنائيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو.

8- **تاريخي ماڻهون تاريخي ڳالهيون:-**
محترم پروفيسر غلام محمد لاکي- سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري واري هن ڪتاب جو پيش لفظ لکيو. هن ڪتاب ۾ دادا سنڌي، سنڌ جي بزرگن ۽ عظيم انسانن جي ڪارنامن ۽ سندن سيرت کي تاريخي روشني ۾ لکيو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد طرفان ناز سنائيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو.

9- **مٺو محبوب صلّي الله عليه وآله وسلّم ڌارين جي نظر ۾:-**
دادا سنڌي هن ڪتاب ۾ پيغمبر اسلام حضرت محمّد صلّي الله عليه وآله وسلّم جي سيرت طيبه جي باري ۾ غير مسلم اسڪالرن (مشرقي توڙي مغربي) سياستدانن ۽ اديبن جا رايا سهيڙيا آهن. هيءُ ڪتاب مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچيءَ طرفان قمر ميمڻ ڇپائي پڌرو ڪيو.

**10- سومرن جي دؤر جا سورما:ـ**
هن ڪتاب ۾ دادا سنڌي سومرن جي دؤر سان لاڳاپيل عام ۽ مشهور ڪردارن ڪي بيان ڪيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏو گڏ سومرن جي دؤر جي تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ بعد، اصل حقيقت ۾ بيان ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد طرفان ناز سنائي ڇپائي پڌرو ڪيو.

**11- خوشحال سنڌ:ـ**
دادا سنڌي هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ جي هر دؤر جي سنڌ جي هر ميدان ۾ خوشحاليءَ ڪي بيان ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ ڌرتي، پراڻي زماني کان وٺي شاهو ڪار ۽ مالا مال پئي رهي، تاريخي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

**12- سنڌ گهمندڙ سيلاني:ـ**
دادا سنڌي هن ڪتاب ۾ انهن سياحن ۽ سيلانين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. جن سنڌ ڌرتي گهمي ڏٺي ۽ سير ڪيو. دادا سنڌي جو هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

**دا دا سنڌيءَ جون اڻ ڇپيل تصنيفون (ڪتاب)**

1. سيرت النبي صلّي الله عليہ وآلہ وسلّم.
2. پاڻ سڳورن صلّي الله عيلہ وآلہ وسلّم جن جو تعليمي معيار.
3. حُر تحريڪ.
4. شاهہ جا سورما.
5. سنڌ جا بندر ۽ بازاريون.
6. ريشمي رومال جي تحريڪ ۽ سنڌ.
7. جهاد تحريڪ سنڌ

**ايوارڊ:ـ**
دادا سنڌي کي ادبي خدمتن جي مڃتا طور مختلف وقتن تي مختلف ايوارڊس سان نوازيو ويو، جيڪي هيٺ بيان ڪجن ٿا.

1. سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ 1987ع
2. سنڌالاجي ايوارڊ 1987ع
3. آل سنڌ ٻالڪ ايوارڊ 1987ع
4. آءِ سي آءِ ڪمپني ايوارڊ 1988ع
5. سنگت قلم ايوارڊ 1993ع
6. سنڌ سپيتا سوسائٽي ايوارڊ 1993ع
7. ريڊيو اسڪرپٽ رائيٽر ايوارڊ ------

**حوالا:**


1. سنائي ناز، ٻہ اکر، سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما، حيدر آباد سنڌ : سنڌ تحقيقي بورد، 1989ع ص 10- 13.
2. لاکو، غلامحمد، دادا سنڌي مرحوم- ماهوار سنڌ دوست، مئي 1999ع، ميرپور ماٿيلو : حيدر شاھ ڪالوني، ص 10 – 11.
3. سومرو اياز، سنڌ جو تاريخدان، محقق ۽ ليکڪ، ماهوار سنڌ دوست، مئي 1999ع، ميرپور ماٿيلو : حيدر شاھ ڪالوني، ص 11 – 12.
4. عباسي، تنوير، تعارف، سنڌ جا عوامي ڪردار، حيدرآباد سنڌ : سنڌ تحقيقي بورڊ، 1996ع.
5. انيڙ، حافظ ارشد، مهاڳ، خوشحال سنڌ، ڪراچي : سنڌيڪا اڪيڊمي 2008ع، ص- 16.
6. سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، تعارف – سنڌ جي عالمن جا سونهنري ڪارناما، حيدرآباد، سنڌ : سنڌ تحقيقي بورڊ، 1989ع ص- 5 – 7.